SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXIX مجريه 1974
# SINDH ACT NO.XXIX OF 1974
# سنڌ ٽيڪس چوري (سزا) ايڪٽ، 1974
# THE SINDH TAX EVASION (PUNISHMENT) ACT, 1974

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. وصفون
Definitions
3. ٽيڪس ادائگي ۾ چوريءَ لاءِ سزا
Punishment for evasion to pay tax
4. ڏوهه جو دائره اختيار
Cognizance of offence
5. طريقيڪار
Procedure
6. شيڊول
Schedule

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXIX مجريه 1974
# SINDH ACT NO.XXIX OF 1974
# سنڌ ٽيڪس چوري (سزا) ايڪٽ، 1974
# THE SINDH TAX EVASION (PUNISHMENT) ACT, 1974

[31 ڊسمبر 1974]

ايڪٽ جنهن ذريعي ڪجهه قانونن تحت واجب الادا ٽيڪس چوريءَ جي جوڳي سزا ڏيڻ ۽ جوابدارن تي ڪيس هلائڻ لاءِ خاص گنجائشون جوڙيون وينديون.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته ڪجهه قانونن تحت واجب الادا ٽيڪس چوريءَ جي جوڳي سزا ڏيڻ ۽ جوابدارن تي ڪيس هلائڻ لاءِ خاص گنجائشون جوڙڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪي هن ريت هونديون؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ ڪي سنڌ ٽيڪس چوري (سزا) ايڪٽ، 1974 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين مفهوم جو مطلب ٻيو نه نڪري، هيٺين اظهارن ڪي اها معنيٰ هوندي، جيڪا انهن ڪي ترتيبوار ڏني وئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي:

(a) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(b) "شيڊولڊ لا" مطلب هن ايڪٽ جي شيڊول ۾ بيان ڪيل

قانون؛

(c) "ٽيڪس" مطلب ڪا ٽيڪس بشمول ڊيوٽي، سرچارج، سيس، في يا شيڊول ۾ تحت واجب الادا ڪا ٻي رقم.

ٽيڪس ادائگي ۾ چوريءَ لاءِ سزا
Punishment for evasion to pay tax

3. جيستائين ڪجهه ڪنهن شيڊول ۾ جي متضاد نه هجي، ڪو به اهڙي قانون يا ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو هن طرفان واجب ادا ڪنهن ٽيڪس رهتن جي ادائگي ۾ چوري ڪري ٿو اها معلومات لڪائي ٿو، جيڪا قانوني طور تي ڪيس ڏيڻي آهي يا اهڙي معلومات فراهم ڪري ٿو جيڪا اهو ڄاڻي ٿو ته ڪوڙي آهي، ان کي يا ته قيد جي سزا ڏني ويندي، جنهن جو مدو ٻن سالن تائين وڌي سگهي ٿو يا ڏنڊ جيڪو سندس طرفان واجب الادا ٽيڪس جي رقم کان گهٽ نه هوندو يا ٻئي گڏ؛

[1] [ بشرطيڪ دفعه 8 ۾ سنڌ فنانس ايڪٽ 1994 جي ڀڃڪڙي لاءِ قيد جي سزا هوندي، جيڪا ڇهه مهينن جي عرصي تائين ترميم ڪري سگهجي ٿي.]

(2) جيڪو به ذيلي دفعه (1) تحت ڏوهه ڪرڻ لاءِ اڪسائي ٿو جيڪڏهن اهڙو ڏوهه اهڙي اڪسائڻ جي سلسلي ۾ ڪيو ويو آهي، ان کي سزا ڏني ويندي، جيڪڏهن هن اهو ڏوهه پاڻ ڪيو آهي.

وضاحت: اهو سرڪاري ملازم جنهن جو فرض آهي ته ٽيڪس جي ڪاٽي هڻڻ ۾ پيارڻ بابت صحيح معلومات گڏ ڪري پر هو اهڙي معلومات روڪڻ يا غلط معلومات فراهم ڪرڻ ۾ ملوث ٿئي ٿو ته هن ذيلي دفعه مطابق ان کي ڏوهه ۾

[1] تاريخ 2004_06_11 تي سنڌ ايڪٽ نمبر VIII مجريه 2004 تحت شامل ڪيل نئين گنجائش

پائيوار ڇاتو ويندو.
(3)جتي ڪو شخص هن ايڪٽ تحت سزا هيٺ آهي، ان تي ساڳئي ڏوهہ لاءِ شيڊول ۾ ڏنل تحت ڪو ٻيو ڏنڊ نہ مڙهيو ويندو پر ان طرفان واجب الادا ٽيڪس جي ادائگي کان ڪيس ڇوٽ نہ ڏني ويندي.

ڏوهہ جو دائره اختيار
Cognizance of offence

4. هن ايڪٽ تحت ڏوهہ تي دائره اختيار هيٺين کي هوندو:
(a) پهرين درجي جو ماجسٽريٽ جيڪو ان سلسلي ۾ حڪومت طرفان خاص طور تي بااختيار بڻايو ويو هجي؛ ۽
(b) حڪومت جي عام يا خاص حڪم ذريعي بااختيار بڻايل شخص طرفان لکت ۾ ڪيل شڪايت تي.

طريقيڪار
Procedure

5.هن ايڪٽ تحت سمورا ڪيسز ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر جي باب XX ۾ شامل طريقيڪار موجب سمن ڪيسز طور ٻڌڻ لائق هوندا.

شيڊول
Schedule

## شيڊول

1.اولهہ پاڪستان جوا ٽيڪس ايڪٽ، 1958 (1958 جو اولهہ پاڪستان ايڪٽ IV)
2.سنڌ شهري غير منقولہ ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 (1958 جو اولهہ پاڪستان ايڪٽ V).
3.اولهہ پاڪستان تفريحي ڊيوٽي ايڪٽ، 1958 (1958 جو اولهہ پاڪستان ايڪٽ X).
4.اولهہ پاڪستان موٽر گاڏيون ٽيڪسيشن ايڪٽ، 1958 (1958 جو اولهہ پاڪستان ايڪٽ XXXII).
5. 1963 جو اولهہ پاڪستان ماليات ايڪٽ IX (1963 جو اولهہ پاڪستان ايڪٽ IX).
6. اولهہ پاڪستان ماليات ايڪٽ، 1964 (1964 جو اولهہ

پاڪستان ايڪٽ XXXIV).

7. اولهه پاڪستان ماليات ايڪٽ، 1965 (1965 جو اولهه پاڪستان ايڪٽ I).

[2] [8. سنڌ ڪپهه ضابطو آرڊيننس، 1966 ان سلسلي ۾ دفعه 30 جي ذيلي دفعه (2) جي شق (1) ۾ ڄاڻايل فيس.

9. سنڌ ماليات ايڪٽ، 1975.

10. مزدورن جي ٻارن جي (تعليم) آرڊيننس، 1972."]

[3] ["11. 1994 جي سنڌ ماليات ايڪٽ جو دفعه 9 ۽ 10."]

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**

---

[2] 15 جولاءِ 1976 تي 1976 جي سن ايڪٽ XI جي شيڊول جي ترميم ذريعي داخل ڪيل نئين داخلا (10_8)

[3] تاريخ 2004_06_11 تي 2004 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VIII جي شيڊول ۾ نئون اضافو